روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) ڇنڇر 22 اپريل 2023ع بمطابق پهرين شوال المڪرم 1444ھ (قيمت 05 رپيا) شمارو 329

حڪومتي نمائندن جو پي ٽي آءِ سان باضابطا ڳالهين لاءِ رابطو

پي ٽي آءِ سان ڳالهين لاءِ حڪومت طرفان نامزد ڪيل نمائندن سردار اياز صادق، خواجا سعد رفيق ۽ ٻين اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر سان رابطو ڪيو

اسد قيصر حڪومتي نمائندن جي رابطي بابت اڳيرائي ڪان پارٽي سيڪريٽري اسد عمر کي آگاهه ڪري ڇڏيو

رابطو سٺي ڳالهه آهي، حڪومتي نمائندا سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي دوران ان اڳيرائي ڪان آگاهه ڪن: اسد عمر

پي ٽي آءِ ۽ حڪومتي نمائندن جي ملاقات ڪڏهن ٿي، ان سلسلي ۾ اڃا تائين حتمي طور ڪجهه نٿو چئي سگهجي : ذريعن جي دعويٰ

حڪومتي اتحاد اڃا تائين پي ٽي آءِ قيادت سان ملاقات لاءِ ڏينهن ۽ وقت طئي ناهي ڪيو، جلد ڳالهين تي سگهن ٿيون

اسلام آباد (م د) سياسي جماعتن وچ ۾ ڳالهين جي معاملي تي حڪومت جي نامزد ڪيل نمائندن تحريڪ انصاف سان باضابطا طور ڳالهين لاءِ رابطو ڪيو آهي، ذريعن موجب پي ٽي آءِ سان ڳالهين لاءِ حڪومت طرفان نامزد ڪيل نمائندن سردار اياز صادق، خواجا سعد رفيق ۽ ٻين اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر سان رابطو ڪيو ۽ چيو ته اسان توهان جا باضابطا ڳالهين لاءِ رابطو ڪري رهيا آهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: سردار اياز صادق، خواجا سعد رفيق ۽ اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر (فائيل فوٽو)

سياسي پارٽين سان ڳالهايو، دهشتگردن سان نه: مريم نواز

اسلام آباد (م د) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينيئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز شريف چيو آهي ته ڳالهيون دهشتگردن سان نه پر سياسي پارٽين سان ٿينديون آهن سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي پيغام ۾ مريم نواز چيو ته ياد رکڻ گهرجي ته ڳالهيون يا ڳالهيون سياسي پارٽين سان ٿينديون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل قاعدي طور قانون بڻجي ويو

13 اپريل تي سپريم ڪورٽ پنهنجي حڪم نامي ۾ چيو هو ته سپريم ڪورٽ پروسيجر ايڪٽ خلاف 3 درخواستون مقرر ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيون ويون

ٻڌڻي ضروري آهي وڌيڪ ٻڌڻي 2 مئي تي ٿيندي. هن قانون ۾ ازخود ڪاروائي جو اختيار چيف جسٽس بدران 3 سينيئر ججن کي ڏنو ويو

ڪو به ڪيس 14 ڏينهن اندر ٻڌڻ لاءِ مقرر ٿيندو، اڳ ۾ چيف جسٽس جي مرضي هوندي هئي ته هو سالن تائين ڪا به درخواست مقرر نه ڪندو هو

صدر آصف علي زرداري شهيد ڀٽو کي مليل سزخلاف جيڪو ريفرنس موڪليو هو اهو 12 سالن کان نٿو ٻڌو وڃي

اپيل ۾ وڪيل مرضي جو ڪرڻ جي اجازت هوندي، اڳ ۾ نظرثاني وقت ساڳئي وڪيل جو شرط هو. هن قانون موجب ماضي ۾ جن کي به ازخود ڪاروائي ڪيسن ۾ سزا ملي آهي

30 ڏينهن ۾ اپيل داخل ڪرڻ جو حق هوندو، جنهن سان نواز شريف، جهانگير ترين، يوسف رضا گيلاني ۽ ٻين کي اپيل جو حق ملندو

اسلام آباد (رپورٽ) سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل اڄ کان باضابطه طور تي قانون بڻجي ويو آهي. قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ پرنٽنگ ڪارپوريشن کي گزٽ نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. واضح رهي ته صدر عارف علوي اهو بل بيهو پيرو دستخط ڪانسواءِ واپس موڪلي ڇڏيو هو قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ بل جي منظوري جا سمورا مرحلا مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مديني منوره: مسجد نبوي ۾ عيد نماز دوران وڏي انگ ۾ ماڻهو شريڪ آهن

آءِ جي سنڌ پاران ڏوهن ۾ ملوث ڊي ايس پيز، ايس ايڇ اوز ۽ اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو حڪم

ڏوهن ۾ ملوث، سهولتڪار ڊي ايس پيز، ايس ايڇ اوز ۽ اهلڪارن خلاف محڪماتي ڪارروائي ڪئي وڃي : غلام نبي ميمڻ

حيدرآباد ۾ ٽاسڪ فورس جي 32 ڇاپن ۾ 41 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن، 32 ايف آءِ آرون داخل ڪيون

سکر ۾ 50 ڇاپن دوران 50 جوابدار گرفتار ۽ ايترين ئي ايف آءِ آرز داخل ڪيون ويون آهن : بريفنگ

وڊيو لنڪ اجلاس ۾ ڪراچي، اسپيشل برانچ، انويسٽيگيشن ايڊيشنل آءِ جيز سميت مڙني ڊي آءِ جيز شرڪت ڪري بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽ) آءِ جي سنڌ جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ نارڪوٽڪس، گٽڪي، ماوي خلاف ٽاسڪ فورس جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويوآءِ جي حڪم ڏنو آهي ته ڏوهن ۾ ملوث، سهولتڪار ڊي ايس پيز، ايس ايڇ اوز ۽ اهلڪارن خلاف محڪماتي ڪارروائي ڪئي وڃيآءِ جي سنڌ لاڳاپيل آفيسرز کي حڪم ڏنو ته ٽاسڪ فورس ۽ منشيات مافيا خلاف ڪارروايون تيز ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سڄي ملڪ ۾ عيد الفطر اڄ جوش ۽ جذبي سان ملهائي پئي وڃي

وفاقي گادي واري هنڌ اسلام آباد ۾ عيد نماز جو سڀ کان وڏو اجتماع فيصل مسجد ۾ ٿيندو

لاهور ۾ عيد نماز جو سڀ کان وڏو اجتماع تاريخي بادشاهي مسجد ۾ ٿيندو

عيد نماز جي اجتماعن ۾ ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ بقا لاءِ اجتماعي دعائون گهريون وينديون

اسلام آباد (م د) سڄي ملڪ ۾ عيدالفطر (اڄ) ڇنڇر تي مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهائي پئي وڃي، وفاقي گادي واري هنڌ اسلام آباد ۾ عيد نماز جو سڀ کان وڏو اجتماع فيصل مسجد ۾ ٿيندو، صوبائي گادي وارن شهرن ۾ به عيدگاهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: طارق روڊ تي هڪ عورت عيد رات چپل پسند ڪري رهي آهي

سعودي ۽ ايراني پرڏيهي وزيرن جي هڪٻئي کي عيد مبارڪ

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي پرڏيهي وزير جو ايراني هم منصب سان ٽيليفون تي رابطو ٿيو، ٻنهي پرڏيهي وزيرن هڪ ٻئي کي عيد الفطر جي مبارڪباد ڏني. رپورٽ مطابق ٻنهي اڳواڻن دوستانه معاهدي جي حوالي سان مستقبل جي قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ٻئي طرف برطانوي پرڏيهي وزير جيمز ڪلورلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نواز شريف جي سعودي ولي عهد محمد بن سلمان سان ملاقات

شاهي محل ۾ ٿيل ملاقات ۾ پاڪستان جي معاملن ۽ انهن جي حل بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

اڳوڻي وزيراعظم ملاقات ۾ سعودي ولي عهد کي پاڪستان جي معاشي صورتحال بابت به تفصيلن کان آگاهه ڪيو

جده (م د) اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي سعودي ولي عهد محمد بن سلمان سان ملاقات. پاڪستان جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون، ذريعن موجب ملاقات ۾ مريم نواز به شرڪت ڪئي. جده جي شاهي محل ۾ ٿيل ملاقات ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وڏي مشڪل سان اميدوارن کي ٽڪيٽون ڏنيون ويون آهن : عمران خان

ٽڪيٽن ڪان محروم اميدوار اپيل ڪري سگهن ٿا

سپريم ڪورٽ کي سلام پيش ڪريون ٿا جنهن پي ڊي ايم کي هلڻ نه ڏنو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو آهي ته وڏي مشڪل سان اميدوارن کي ٽڪيٽون ڏنيون ويون آهن. باقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: نگران وزير اعلي پنجاب محسن نقوي اجلاس جي صدارت ڪندي

زمان پارڪ ۾ آپريشن جو خدشو: بشريٰ بي بي جو وزيراعظم ۽ پنجاب جي وڏي وزير کي خط

عيد جي موقعي تي زمان پارڪ ۾ آپريشن جو پلان ٺاهيو ويو آهي، عدالت جو منع نامو موجود آهي : بشريٰ بيبي

اطلاع آهن ته عدالتي فيصلي جي غلط تشريح جو پلان به ٺاهيو ويو آهي : وڪيل ذريعي اماڻيل خط جو متن

ان کان اڳ به عدالتي حڪم جي ڀڃڪڙي ڪندي آپريشن ڪيو ويو هو

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جي چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي وزيراعظم ۽ پنجاب جي وڏي وزير کي خط لکي چيو آهي ته عيد جي موقعي تي زمان پارڪ ۾ پوليس آپريشن جو خدشو آهي، زمان پارڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

چين مان ٽن قسطن اچڻ بعد پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن ۾ 394 ملين ڊالرن جو اضافو

چين مان ٽن قسطن ۾ 1.3 بلين ڊالر اچڻ سان اسٽيٽ بئنڪ جا ذخيرا بهتر ٿي ويا

پاڪستان تجارتي ۽ غير تجارتي قرضن لاءِ چين تي تمام گهڻو انحصار ڪري رهيو آهي : اسٽيٽ بئنڪ

چين پاڪستان ۾ 30 سيڪڙو کان وڌيڪ سڌي پرڏيهي سيڙپڪاري ڪري رهيو

ڪراچي (رپورٽ) پٽ بئنڪ جي پرڏيهي مٽا سٽا جي ذخيرن ۾ 14 اپريل تي ختم ٿيندڙ هفتي ۾ 39 ڪروڙ 40 لک ڊالر جو اضافو ٿيو. اسٽيٽ بئنڪ جو چوڻ آهي ته گذريل ڪجهه هفتن ۾ چين مان ٽن قسطن ۾ 1.3 بلين ڊالر اچڻ سان اسٽيٽ بئنڪ جا ذخيرا بهتر ٿي رهيا آهن پاڪستان تجارتي ۽ غير تجارتي قرضن لاءِ چين تي تمام گهڻو انحصار ڪري رهيو آهي ۽ هن وقت بيجنگ تي 30 بلين ڊالر جو قرض آهي چين سڀ کان وڏو پارٽنر هئڻ جي حيثيت سان پاڪستان ۾ 30 سيڪڙو کان وڌيڪ سڌي پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

گڏيل عرب امارات سميت مختلف ملڪن ۾ عيدالفطر ملهائي وئي

وڏا عيد نماز جا اجتماع مسجد الحرام ۽ مسجد نبوي ۾ منعقد ڪيا ويا

سعودي عرب ۾ 20 هزار 700 مسجدن ۽ عيدگاهن ۾ انتظام ڪيا ويا

رياض (م د) گڏيل عرب امارات سميت مختلف ملڪن ۾ اڄ عيدالفطر مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهائي پئي وڃي، دنيا جا سڀ کان وڏا عيد نماز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمران خان ۽ ٻين خلاف ڪيس: جي آءِ ٽي کي جاچ کان روڪڻ جي درخواست رد

لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق سليم شيخ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

جي آءِ ٽي جاچ جاري رکندي پران جي جاچ عدالتي حڪم سان مشروط ٿيندي : فل بئنچ جو حڪم

ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب شان گل درخواست جي مخالفت ڪندي ان کي ناقابل سماعت قرار ڏئي ڇڏيو

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ ٻين اڳواڻن خلاف داخل ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جي آءِ ٽي جي جاچ روڪڻ جي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12


لاهور هاءِ ڪورٽ جو ٻاهريون ڏيک

مارگلا ٿاڻي تي داخل ڪيس ۾ عمران خان جا گرفتاري وارنٽ زمان پارڪ ۾ وصول

عمران خان جا گرفتاري وارنٽ سندس وڪيل زمان پارڪ ۾ حاصل ڪيا

مارگلا ٿاڻي ۾ داخل ڪيس ۾ عمران خان جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا

لاهور (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جا گرفتاري وارنٽ زمان پارڪ لاهور ۾ حاصل ڪيا ويا آهن عمران خان جا گرفتاري وارنٽ سندس وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

عيد الفطر جي موقعي تي سمورن مسجدن ۽ عيد گاهن جي چوڌاري سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا وڃن: ناصر شاهه

واٽر سپلاءِ ۽ نيڪال لاءِ خاص اپاءَ ورتا وڃن جڏهن ته سمورن گٽرن مٿان ڍڪڻ وڌا وڃن

سمورين ڊي ايم سيز خاص طور تي عيد گاهه جي هنڌن تي چوني جو ڇنڪارو ۽ ٻين معاملن جي خاص نگراني ڪن

عيد نماز لاءِ ايندڙن کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وڃن : سنڌ جي مڪاني ادارن وارو وزير

مڪاني ادارن وارو وزير سيد ناصر حسين شاهه

ڪراچي (رپورٽ): سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته عيد الفطر جي موقعي تي سمورن مسجدن ۽ عيد گاهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عوامي تحريڪ پاران عيد شاپنگ لاءِ ويندڙ پيءُ پٽ جي اغوا جي مذمت

سنڌ حڪومت بدامني لاقانونيت جو خاتمو ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي : لال جروار

مهانگائي جي ڪري غريب ۽ پورهيت ماڻهو روز مره استعمال ۾ ايندڙ شيون به خريد نٿو ڪري سگهي

حيدرآباد (پ ر) گهوٽڪي ۾ عيد خريداري لاءِ نڪتل اقبال مگسي کي سندس معصوم پٽ سميت اغوا ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور: امير جماعت اسلامي سراج الحق پريس ڪانفرنس ڪندي، لياقت بلوچ به گڏ ويٺل آهي

ٺل پرسان هٿياربندن جي فائرنگ، ناري ۽ نوجوان قتل

گرڊ اسٽيشن ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ڪارنهن جي الزام هيٺ ناري ۽ نوجوان قتل ٿي ويا

بروهين جي ڳوٺ ۾ سلميٰ بروهي ۽ نوجوان سيف الدين بروهي کي موت جي ننڊ سمهاريو ويو

ٺل (رپورٽر) ٺل پرسان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ڪارنهن جي الزام هيٺ ناري ۽ نوجوان قتل ٿي ويا گرڊ اسٽيشن ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ڪارنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

شڪارپور: عدالت طرفان علي امين گنڊاپور کي جوڊيشل ريمانڊ تي سکر جيل موڪلڻ جو حڪم

پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور شڪارپور جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

علي امين گنڊاپور کي سخت سيڪيورٽي سان بڪتربند گاڏي ۾ شڪارپور جي سول ڪورٽ آندو ويو

عدالت پوليس جي جسماني ريمانڊ واري درخواست رد ڪري ڇڏي : ذريعا

شڪارپور (رپورٽر) پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور شڪارپور جي عدالت ۾ پيش، رياست مخالف تقرير ڪرڻ واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور شڪارپور جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

شڪارپور: پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور کي عدالت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي

سنڌ پنجاب دنگ وٽ مسافر بس يرغمال، 5 نينگر مبينا اغوا

اغوا ٿيندڙن مان 3 نينگر شر برادري جا ۽ 2 ملڪ برادري جا شامل

حاجي خان شر ٿاڻي جي پوليس پنجاب جي ماڇڪي ٿاڻي جي حد ۾ ٿيندي واقعي ڪان بي خبر ٻڌيل

مان مزاري جي برادري جي عيسياڻي پاڙي جي نينگر خير بخش مزاري کي اغوا ڪيو ويو هو

ڪشمور (م د) سنڌ پنجاب دنگ وٽ ڪچي واري علائقي مان مسافر بس ۾ سوار 5 نينگر مبينا طور اغوا ٿي ويا ڪشمور جي ڪچي واري علائقي سنڌ پنجاب جي دنگ ٻجل موري وٽ نامعلوم هٿياربندن ڪشمور طرف ايندڙ مسافر بس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ پنجاب دنگ وٽ مسافر بس يرغمال، 5 نينگر مبينا اغوا

ڪشمور (رپورٽر) سنڌ پنجاب دنگ وٽ ڪچي واري علائقي مان مسافر بس ۾ سوار 5 نينگر مبينا طور اغوا ٿي وياڪشمور جي ڪچي واري علائقي سنڌ پنجاب جي دنگ ٻجل موري وٽ نامعلوم هٿياربندن ڪشمور طرف ايندڙ مسافر بس مان پنج نينگرن کي لاهي اغوا ڪيو آهي اغوا ٿيندڙن مان 3 نينگر شر برادري جا ۽ 2 ملڪ برادري جا شامل آهن. گيهلپور ۽ حاجي خان شر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڏيٺي پرسان ڳوٺ عيدو ڪچي مان پسند جو پرڻو ڪندڙ ناري مبينا طور اغوا

ڏيٺي (رپورٽر) ڏيٺي پرسان ڳوٺ عيدو ڪچي مان پسند جو پرڻو ڪندڙ ناري مبينا طور اغوا ٿي وئي، ڏيٺي پرسان ڳوٺ عيدو ڪچي مان پسند جو پرڻو ڪندڙ ناري مبينا طور اغوا ٿي وئي، مڙس طرفان احتجاج ڪيو ويو ناري جي مڙس محبوب ڪچي چيو آهي ته 17 ڏينهن اڳ بدين واسڻ زاهده سان ڪراچي ۾ پرڻو ڪيو، سيد ذر جي ماڻهن اڄ گهر تي حملو ڪيو نوجوان وڊيو بيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاڙڪاڻو: ڳوٺ علي خان جسڪاڻي جا رهواسي ٻاراڻن خلاف احتجاج ڪندي

معصوم زينب فاطمه جو قاتل ويجهو مائٽ نڪتو، ڏوهه جو اعتراف

جوابدار ٻارڙي جي والد جو سئوٽ ۽ ماسات آهي، قتل جو اعتراف به ڪيو اٿائين : پوليس

ٻارڙي کي قتل ڪرڻ جو ارادو نه هو، روئڻ سبب سندس وات بند ڪيو جنهن دوران هن دم ڏئي ڇڏيو : جوابدار

لاڙڪاڻو (رپورٽر) معصوم ٻارڙي زينب فاطمه سومرو کي قتل ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جوابدار پاران ڏوهه جو اعتراف ڪيو ويو آهيپوليس جو چوڻ آهي ته معصوم ٻارڙي زينب فاطمه سومرو ڪيس ۾ ثناءُ الله سومرو کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: پي سي بي ڪميٽي جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

مسافرن کان وڌيڪ ڀاڙا وٺندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪريڪ ڊائون

موٽروي پوليس قومي شاهراهه تي مورو ٽول پلازه وٽ ڪارروائي ڪندي مسافر بسن جي چيڪنگ ڪئي

مسافرن کي هڪ لک کان وڌيڪ رپيا واپس ڪيا ويا، جڏهن ته 55 هزار کان وڌيڪ ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي حڪم تي ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ عيد الفطر جي موقعي تي مسافرن کان وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي ڪئي. رات دير سان ضلعي سيڪريٽري ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

مياڻ صاحب ويجهو پراڻي تڪرار تان پيرسن قتل

ڳوٺ حضور بخش جعفري ۾ هٿياربندن حملو ڪري 60 ورهين جي پيرسن امير بخش جعفري کي قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي سلطان ڪوٽ پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺڻ بعد پوسٽ مارٽم لاءِ سلطان ڪوٽ اسپتال منتقل ڪيو

مياڻ صاحب (رپورٽر) سلطان ڪوٽ پرسان ڳوٺ حضور بخش جعفري ۾ جعفري برادري وچ ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار جي نتيجي ۾ هٿياربندن حملو ڪري 60 ورهين جي پيرسن امير بخش پٽ لائق جعفري کي قتل ڪري ڇڏيو اطلاع تي سلطان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ جي گورنر جو 20 لک ماڻهن کي 6 مهينن تائين مفت راشن ڏيڻ جو اعلان

وڌيڪ وقت لاءِ راشن گهرجي ته ان کان راشن جي اڌ قيمت وصول ڪنداسين : ڪامران ٽيسوري

وزيراعظم سمجهدار ماڻهو آهي، عيد کانپوءِ صوبي جي مسئلن تي ساڻس ڳالهائيندس

ڪراچي (م د) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري صوبي ۾ 20 لک ماڻهن کي 6 مهينن تائين مفت راشن ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ڪامران ٽيسوري فيڊرل بي ايريا ۾ سحري ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته طاقتور پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: ڪنڌ جي پورين سان ڀريل ٽرڪ ڪلٽي، هڪ ڄڻو فوت

عيسيٰ نگري ويجهو ڪنڌ جي پورين سان ڀريل ٽرڪ ڪلٽي ٿي پئي

حادثو بريڪ فيل ٿيڻ سبب پيش آيو، ٽرڪ ڊرائيور کي گرفتار ڪيو ويو

حادثي ۾ فوت ٿيل شخص جو لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي عيسيٰ نگري ويجهو ڪنڌ جي پورين سان ڀريل ٽرڪ ڪلٽي ٿي پئي پوليس موجب حادثي جي نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اباڻن پدن ڏانهن واپسي چيلينج: ڀاڙن ۾ رڪارڊ واڌ بعد شهرين جا مٿي تي هٿ

ڪراچي کان حيدرآباد جو ڪرايو 500 سئو رپين مان وڌائي 2 هزار رپيا ڪيو ويو

ڪراچي کان سانگهڙ تائين جو ڪرايو 7 سئو رپين کان وڌائي 23 سئو رپيا ڪيو ويو

ٽرانسپورٽرن کان ڪير پڇاڻو ڪرڻ وارو ناهي، ٽرانسپورٽرز غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن : مسافر

ڪراچي (م د) پنهنجن پيارن سان گڏ عيد ملهائڻ لاءِ اباڻن پدن ڏانهن ويندڙ مسافرن لاءِ ٽرانسپورٽرز ڀاڙا وڌائي ڇڏيا ڪراچي کان حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: بس ٽرمينل تي مسافر عيد ملهائڻ لاءِ ماڳن ڏانهن وڃڻ لاءِ بسن جو انتظار ڪري رهيا آهن

چيلهار: جبري مذهب تبديلي ڪرايل گڏي ڪولهي جي حالت ۾ سڌارو نه آيو

چيلهار (رپورٽر) چيلهار ويجهو جبري طور مذهب تبديل ڪرائي زبردستي شادي ڪرائڻ جو الزام هڻندڙ گڏي ڪولهي جي حالت ۾ سڌارو نه آيو متاثر ناري جو ٻئي ڏينهن به مٺي جي سول اسپتال ۾ علاج هلندڙ آهي. اسپتال انتظاميا موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

بليو ٽڪ سروس ختم، تصديق ٿيل اڪائونٽ به محروم

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان، مشهور فٽبالر ڪرسٽيانو رونالڊو ۽ ڀارتي ڪرڪيٽر ويرات ڪوهلي سميت ڪيترن ئي شخصيتن ۽ ادارن جي ٽوئيٽر اڪائونٽس تان بليو ٽڪ غائب ٿي ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

حڪومت پي سي بي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي مدي ۾ واڌ ڪري ڇڏي

معاملا هلائڻ لاءِ نجم سيٺي جي سربراهي ۾ هڪ مئنيجمينٽ ڪميٽي جوڙي هئي

وفاقي حڪومت ڪميٽي جي مدي ۾ 22 اپريل 2023 کان واڌ ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي مدي ۾ واڌ ڪري ڇڏي، وفاقي حڪومت ڊسمبر 2022 ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

انٽربئنڪ ۾ آمريڪي ڊالر سستو، اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ آمريڪي ڊالر 42 پئسا سستو ٿي 283 رپين 47 پئسن تي بند ٿيو

انٽربئنڪ ۾ آمريڪي ڊالر 283 رپين 89 پئسن تي بند ٿيو هو

ڪراچي (م د) انٽربئنڪ ۾ اڄ آمريڪي ڊالر سستو، جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو ٿي ويو انٽربئنڪ ۾ آمريڪي ڊالر 42 پئسا سستو ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ساٿ فلاحي تنظيم ٽنڊو محمد خان جي ڪارڪن پاران سماجي اڳواڻ تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

حسين علي عرف پپو بلوچ خلاف ٽنڊو محمد خان ٿاڻي تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

نابين رياض بروهي معزور محمد ملاح سماجي اڳواڻ حاجي شاهنواز رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

حسين علي عرف پپو بلوچ هڪ مسيحا ڪردار آهي جيڪو غريبن مسڪين ماڻهن جي مدد ڪندو آهي: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ساٿ فلاحي تنظيم ٽنڊو محمد خان جي ڪارڪن مسيحا ڪردار حسين علي عرف پپو بلوچ خلاف ٽنڊو محمد خان ٿاڻي تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف بلڙي شاهه ڪريم پريس ڪلب اڳيان ٽنڊو محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو محمد خان: سماجي اڳواڻ حسين علي بلوچ جي حمايت ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڏوڪري ويجهو ڳوٺ سونهري ۾ 8 ورهين جي نينگر جي جنازه نماز ادا ڪئي وئي

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ويجهو ڳوٺ سونهري ۾ 8 ورهين جو معصوم نينگر علي رضا جوڻيجو جي جنازه نماز ڳوٺ سنهري ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع لاڙڪاڻو نائب صدر محمد علي عرف امر خان بگهيو شهمير علي ميراڻي محمد علي راڄپر حسين سولنگي سميت سياسي سماجي صحافين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڈپٽي ڪمشنر ٺٽو جي هدايتن تي ايڊمنسٽريٽر ٽائون ڪميٽي مڪلي پاران شهر جو دورو

عيد گاهه مڪلي، مخدوم آدم مسجد، مڪلي مارڪيٽ مدينه مسجد سميت ٻين علائقن جو دورو

مڪلي شهر جي روڊن رستن، مختلف محلن ۽ گلين جي صفائي سترائي جي هلندڙ ڪم جي نگراني ڪئي

ٺٽو (رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو جي خصوصي هدايتن تحت ايڊمنسٽريٽر ٽائون ڪميٽي مڪلي عبدالڪريم ڪنيار مرڪزي عيد گاهه مڪلي، مخدوم آدم مسجد، مڪلي مارڪيٽ مدينه مسجد سميت ٻين تمام مسجدن، عبادتگاهن جي تزئين ۽ آرائش ۽ صفائي سترائي، مڪلي شهر جي روڊن رستن، مختلف محلن ۽ گلين جي صفائي سترائي جي هلندڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بي ڊبليو او جو سرواڻ ۽ ايف آءِ اي سنڌ جو ڊائريڪٽر ڳڙهي خدا بخش پتو پهتو

مختلف ڳوٺن جي يتيم بيسهارا بيواهه عورتن مسڪينن ۾ عيد الفطر جو راشن تقسيم ڪيو

عبدالحميد پتو 600 راشن جا ڪٽا هڪ هزار هر هڪ ماڻهو کي 1000 روڪ ڪيش ورهايا

سيلاب هجي يا برسات هجي ڏکي ٽائيم پنهنجن کي اڪيلو ڪونه ڇڏيو آهي: عبدالحميد پتو

نئون ديرو رپورٽ شاهه محمود پتو، بي ڊبليو او جو سرواڻ ۽ ايف آءِ اي سنڌ جو ڊائريڪٽر عبدالحميد پتو اباڻي شهر ڳڙهي خدا بخش پتو پهچي ويو هن مختلف ڳوٺن جي يتيم بيسهارا بيواهه عورتن مسڪينن ۾ عيد الفطر جو راشن تقسيم ڪيو. هن مختلف ڳوٺن ۽ جيڪي مستحق ماڻهو هيا انهن ۾ 600 راشن جا ڪٽا هڪ هزار هر هڪ ماڻهو کي 1000 روڪ ڪيش ورهايا ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر جي نئين پنڊ امان الله چوڪ جي رهواسي بيواهه پاران احتجاجي مظاهرو

سکر (رپورٽر) سکر جي نئين پنڊ امان الله چوڪ جي رهواسي بيواهه مسمات سڪينه بروهي پنهنجي پٽ فرمان بروهي سان گڏ برادري جي بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين ۽ جوابدارن جي گرفتاري جي ڳالهه تي سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي برادري جي بااثر شخص افضل بروهي، حسين بخش بروهي ۽ ٻين سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نئون ديرو: سماجي تنظيم جو سرواڻ حميد پتو راشن ورهائي رهيو آهي

درياخان مري ڪان پڊعيدن ويندڙ لنڪ روڊ مڪمل طور تباهه، روڊ ۾ وڪ وڪ تي کڏا پئجي ويا

27 سال اڳ ٺهيل موريون سڀ پڇي پيون جنهن سبب ڳوٺاڻا سخت عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور

پريارو روڊ سان هلندڙ ٽرانسپورٽ روڊ تباهه ٿي وڃڻ ڪري گذريل 22 سالن کان بند ٿي وئي آهي

هن وقت تائين ڪا سار نه لڌي هن وقت روڊ ۾ وڪ وڪ تي کڏا پئجي ويا آهن: علائقي واسين جون ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) درياخان مري ڪان پڊعيدن ويندڙ لنڪ روڊ مڪمل طور تباهه ٿي ويو روڊ ۾ وڪ وڪ تي کڏا پئجي ويا ٺهيل موريون سڀ پڇي پيون جنهن سبب ڳوٺاڻا سخت عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهن 27 سال اڳ ٺهيل روڊ جي هن وقت تائين مرمت نه ٿي سگهي روڊ تي درياخان مري پڊعيدن پريارو روڊ سان هلندڙ ٽرانسپورٽ روڊ تباهه ٿي وڃڻ ڪري گذريل 22 سالن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز ۾ باب العلم فائونڊيشن جي سهڪار سان بين المسالڪ دعوت افطار جو اهتمام

باب العلم فائونڊيشن پاران ڪميونٽي هال ڪاهي ممڻ ۾ بين المسالڪ دعوت افطار جو اهتمام ڪيو ويو

درمحمد خاصخيلي، حمل پنهور، حبيب الله پنهور، رکيل فقير سولنگي، رانجهن پور گل محمد بلڙ ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ

هن ڌرتي تي سڀئي مسلمان افطار جو اهتمام ڪري اتحاد جي فضا کي قائم ڪري رهيا آهيون: اڳواڻن جون ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) باب العلم فائونڊيشن (UK) جي تعاون سان سنڌ جي 10 هزار کان وڌيڪ مسلمان کي گڏ ڪرڻ واري مهم جي عنوان تحت ڪميونٽي هال ڪاهي ممڻ ۾ بين المسالڪ دعوت افطار جو اهتمام ڪيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين ۾ 4 سال اڳ ٿيل حادثي جي خبر ٻيهر نشر ڪرڻ تي شهري ذهني پريشاني ۾ مبتلا

بدين (رپورٽر) بدين جي هڪ 2019 جي ڪوروناهه لڳ حادثي جي هڪ روڊي چينل پاران غير زميداري جو مظاهرو ڪندي ڪوڙي خبر نشر ڪرڻ بعد ڪراچي ۾ ملازمت ڪندڙ بدين ٽوڙي ٽر واسي مت مائٽ جيڪي عيد ڪرڻ لاءِ واپس اچي رهيا هئا انهن جي مائٽن جيڪن اها خبر ٻڌي پريشان ٿي ويا مائٽين پنهنجي پيارن سان رابطو ڪندي خير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: سماجي تنظيم پاران ڪرايل افطار پارٽي جو ڏيک

سکر جمعيت علماءِ اسلام اڳواڻ پاران ميونسپل اختيارين کي پاڻي جي فراهمي جو مطالبو

پنج پراڻو سميت آئوٽر سگنل واري علائقي جي رهواسين کي پاڻي جي فراهمي جو مطالبو ڪيو ويو

متاثر علائقي جا رهواسي هڪ مهيني کان پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسي رهيا آهن: لياقت علي مغل

واٽر سپلاءِ انچارج آغا جاويد کي فوري طور برطرف ڪري پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام ضلعي سکر جي ترجمان قاري لياقت علي مغل سکر انتظاميا، ميونسپل اختيارين کي تصرت ڪالوني پنج پراڻو سميت آئوٽر سگنل واري علائقي جي رهواسين کي پاڻي جي فراهمي جو مطالبو ڪيو آهي. جي يو آئي ضلعي ترجمان قاري لياقت مغل سکر ميونسپل ڪارپوريشن انتظاميا سميت سکر جي چونڊيل نمائندن تي سخت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي جي صحافي سعيد پتي جي پاءِ شيراز پتو جا قاتل گرفتار نه ٿيا، صحافين پاران مذمت

ايف آءِ آر داخل هئڻ باوجود قاتل آزاد، پوليس گرفتاريون عمل ۾ آڻڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي

صحافي سعيد احمد پتو جي پاءِ شيراز پتو کي گهر اڳيان قتل ڪيو ويو جنهن جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

اوپر نيشنل پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ صحافين جو هنگامي اجلاس، معاملي تي غور ويچار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) صحافي سعيد پتي جي پاءِ شيراز پتو جا قاتل گرفتار نه ٿيا. ايف آئي آر داخل هئڻ باوجود قاتل آزاد. پوليس گرفتاريون عمل ۾ آڻڻ ۾ مڪمل ناڪام. اوپر نيشنل پريس ڪلب جو اجلاس. فوري گرفتاري جو مطالبو. خبر موجب 5 ڏينهن اڳ عرضي پتو ۾ ڪراچي جي صحافي سعيد احمد پتو جي پاءِ شيراز پتو کي گهر اڳيان قتل ڪيو ويو جنهن جي ايف آئي آر سجاول جوڻيجو ٿاڻي تي جوابدارن روشن پتو، راشد پتو ۽ اظهار پتو تي داخل ڪئي وئي آهي 5 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس قاتل گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪي به جوڳا قدم نه کنيا آهن ۽ قاتل آزاد آهن مقتول شيراز پتو جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف اوپر نيشنل پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ صحافين جو هنگامي اجلاس ڪونايو ويو جنهن ۾ صدر نظير راڄپر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: صحافي سعيد پتو جو مقتول ڀاءُ شيراز پتو جو فائيل فوٽو

سنڌ ۾ ڪيترائي خاندان عيد جون خوشيون ملهائڻ کان قاصر آهن: رخشنده صالح

شاهپورچاڪر (رپورٽ) سنڌ ۾ گذريل سيلاب سبب ڪيترائي خاندان عيد جون خوشيون ملهائڻ کان قاصر آهن اهڙي وقت ۾ اسان کي اڳتي اچي پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي مدد ڪرڻ گهرجي انهن جو پرچلو ٿيڻ گهرجي. اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان جي ناليواري سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر رخشنده صالح ڪليار صالح ميڊيڪل ٽرسٽ جڙيانوالا پاران سنڌ جي مختلف علائقن ۾ رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ غريب ۽ بي پهچ خاندانن ۾ عيد جا نوان ڪپڙا، راشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

وڌندڙ غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب عوام جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي: محمد معيز

پنهنجي آس پاس رهندڙ غريبن ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ۽ رهنمائي ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي

غريبن جي مدد ڪرڻ سان الله تعاليٰ راضي ٿيندو آهي ۽ دل جو سڪون به حاصل ٿيندو آهي: خبيب تسليم

شيڊ ويلفيئر ايسوسي ايشن گهر گهر وڃي غريب عوام کي راشن ۽ ٻيو سامان فراهم ڪري رهي آهي: ڳالهيون

سکر (رپورٽر) شيڊ ويلفيئر ايسوسي ايشن جي صدر محمد معيز ۽ خبيب تسليم چيو آهي ته ملڪ ۾ وڌندڙ غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب غريب عوام جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي. سنڌ جي مخير حضرات کي اڳتي وڌي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي آس پاس رهندڙ غريبن ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ۽ رهنمائي ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته جيئن عيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

غلام الله جي ڳوٺ جمعون ميربحر جو زخمي ٿيل پورهيت فوت ٿي ويو

پورهيت گل محمد ميربحر 11 هزار وولٽيج جي تارن مان ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي ٿيو

عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون آهن ۽ پورهيت جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي

ٺٽو (ب) ڪجهه ڏينهن اڳ غلام الله جي ڳوٺ جمعون ميربحر جو رهواسي پورهيت گل محمد ميربحر 11 هزار وولٽيج جي تارن مان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ ڪري سخت زخمي ٿي پيو هو جيڪو علاج هيٺ هوندي زخمن جا تاب نه سهندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ماهوٽا ۾ پي پي ايڇ آءِ صحت مرڪز ۾ حفاظتي ٽڪن جي سلسلي ۾ ريلي

اشتياق احمد کهڙو جي نگراني ۾ ٽڪن جي ڪئمپ جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي

پي پي ايڇ آءِ ايگزيڪيوٽو آفيسر اشتياق احمد کهڙو جي نگراني ۾ هڪ ريلي ڪڍي وئي

نئون ديرو (رپورٽ: شاهه محمود پتو) نئون ديرو لڳ ڳوٺ ماهوٽا ۾ موجود پي پي ايڇ آءِ اسپتال مان ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻو جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر ميڊم اقراءِ جاگيراڻي جن جي حڪم تي پي پي ايڇ آءِ ايگزيڪيوٽو آفيسر اشتياق احمد کهڙو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نئون ديرو: ڳوٺ ماهوٽا ۾ پي پي ايڇ آءِ پاران حفاظتي ٽڪن جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

عيد الفطر جي عيد سکر جا سياستدان پنهنجي گهرن ۾ عيد ملهائيندا

سيد فرخ شاهه پ پ ايم پي سيد اويس قادر شاهه سکر ۾ عيد نماز ادا ڪندا

ڊپٽي ميئر سکر بيرسٽر نعمان اسلام شيخ اسلام الدين شيخ ب سکر هائوس ۾ عيد ڪندا

سکر (رپورٽر) عيد الفطر جي عيد سکر جا سياستدان پنهنجي گهرن ۾ عيد ملهائيندا ب اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه سنڌ اسيمبلي جو ميمبر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غلام الله جي ڳوٺ جمعون ميربحر جو زخمي ٿيل پورهيت فوت ٿي ويو

پورهيت گل محمد ميربحر 11 هزار وولٽيج جي تارن مان ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي ٿيو

عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون آهن ۽ پورهيت جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي

ٺٽو (رپورٽر) ڪجهه ڏينهن اڳ غلام الله جي ڳوٺ جمعون ميربحر جو رهواسي پورهيت گل محمد ميربحر 11 هزار وولٽيج جي تارن مان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ ڪري سخت زخمي ٿي پيو هو جيڪو علاج هيٺ هوندي زخمن جا تاب نه سهندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ آصف راڄڙ پاران علي زيدي کي مبارڪون

تحريڪ انصاف مرڪزي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر ۽ سنڌ جي نائب صدر مبارڪ ڏني

پاڪستان تحريڪ انصاف جا ڪارڪن رياستي ڏاڍ ۽ جبر کان ڊڄڻ وارا ناهن: سيد امجد شاهه

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ آصف راڄڙ، سيد امجد شاهه، مراد ساٿي پاڪستان يوٿ ڪائونسل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽو: پي ٽي آءِ اڳواڻ آصف راڄڙ ۽ سيد امجد شاهه بيٺل آهن

ڪنڊيارو ويجهو ڳوٺ سومر چنڙ جي مين ڪئمپس هاءِ اسڪول ۾ تقريب

سچو اسلام آباد جي صدر ممتاز علي چنڙ ۽ نائب صدر رفيق احمد چنڙ دورو ڪيو

هيڊ ماستر استاد غلام قادر چنڙ پاران اسڪول ۾ ڪافي شين جي اشد ضرورت بابت آگاهي ڏني

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو سچو اسلام آباد جي صدر جو ڳوٺ سومر چنڙ جي مين ڪئمپس هاءِ اسڪول جو دورو اسڪول جي هيڊ ماستر استاد غلام قادر چنڙ سان اسڪول جي تعليم ۽ ٻين معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو پوليس جو منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري، ڪچو شراب هٿ

انچارج انسپيڪٽر علي اڪبر چنا ۽ 15 انچارج دادو رياض جمالي پاران ڪارروائي

تيار ٿيل ڪچو شراب هٿ ڪيو ويو پوليس 5 ڇٽن کي شراب سميت حراست ۾ ورتو

دادو (ن سنڌيان) دادو پوليس جو منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري. ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو جي هدايتن تي سي آءِ اي انچارج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو: سي آءِ اي ۽ 15 مددگار پاران هٿ ڪيل ڪچو شراب ۽ گرفتار ڪيل جوابدار

نگران حڪومتون آئيني ۽ قانوني طور تي چونڊون ڪرائڻ لاءِ هونديون آهن: فائق شاهه

ملڪ ۾ مضبوط حڪومتن جي قيام لاءِ سياسي جماعتن کي ذاتيات مان نڪرڻو پوندو

پارليامينٽ ۽ سياسي نظام مڪمل طور تي شخصيتن ۽ ذاتي مفادن جي ڪري يرغمال بڻيل آهي

ڪراچي (رپورٽر) امن ترقي پارٽي جي چيئرمين محمد فائق شاهه چيو آهي ته نگران حڪومتون آئيني ۽ قانوني طور تي صرف چونڊون ڪرائڻ لاءِ هونديون آهن اهي جانبدار فيصلا نٿيون ڪري سگهن مضبوط حڪومتن جي قيام لاءِ سياسي جماعتن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

جاتي ۾ يوم القدس جي حوالي سان رمضان شريف جي آخري جمعي تي ريليون

مسلمانن پائرن ۽ مومنن تي سالن کان هلندڙ ظلم بربريت جي خلاف احتجاج ڪيو ويو

فلسطيني مسلمانن پائرن تي اسرائيل سالن کان بربريت ظلم جاري رکيو اچي: اڳواڻن جو خطاب

جاتي (رپورٽر) هر سال جيان يوم القدس جي حوالي سان رمضان شريف جي آخري جمع تي اسرائيلي ۽ آمريڪا پاران فلسطين يمن شام جي مسلمانن پائرن ۽ مومنن تي سالن کان هلندڙ ظلم بربريت جي خلاف تحريڪ نفاذ فقهه جعفريه ضلعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

عيد الفطر جي نماز سکر ۾ مختلف وقتن کان شروع ٿي ويندي

مسجد مڪي مسجد مينار روڊ مسجد عيد گاهه پراڻو سکر نئون ڳوٺ ۾ ادا ڪئي ويندي

امام بارگاهن عيد گاهن ٻاهريان پوليس جا جوان توڙي رينجرس جا اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن

سکر (رپورٽر) عيد الفطر جي نماز سکر ۾ مختلف وقتن کان شروع ٿي ويندي صبح جو 6.30 بجي کان وٺي 8.30 تائين عيد جي نماز ادا ڪئي ويندي عيد نماز بندر روڊ الله والي مسجد مڪي مسجد مينار روڊ مسجد عيد گاهه پراڻو سکر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو: سيتا سرڇهار فورم پاران ٽرين جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

محرابپور ۾ پرائمري استادن جي اپگريڊيشن نوٽيفڪيشن ۾ بي ضابطگيون

محرابپور جي استاد غلام حسين ملڪ تعليمي آفيسرن تي سواليه نشان لڳائي ڇڏيو

پرائمري اسڪول هيڊ ميربحر جي استاد غلام حسين ملڪ ڪمال ڪرامت سان اپگريڊيشن ماڻي

مذڪور استاد جي ڊيٽ آف اپائنٽمنٽ ۽ ڊيٽ آف ريگيولرائيزيشن ۾ صرف 22 مهينن جو فرق آهي

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامٽيو) چور دروازي کان اپگريڊيشن حاصل ڪندڙ تعلقي محرابپور جي استاد غلام حسين ملڪ تعليمي آفيسرن تي سواليه نشان لڳائي ڇڏيو ضلعي نوشهرو فيروز جي پرائمري استادن جي اپگريڊيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

محرابپور: ماستر غلام حسين ملڪ پاران ڪاغذي ڪارروائي ۾ ڪيل هيرڦير جو ڏيک

سکر ۾ عيد الفطر جون تياريون عروج تي پهچي ويون، خريدارن جي رش وڌي وئي

سکر (رپورٽر) سکر ۾ عيد الفطر جون تياريون عروج تي پهچي ويون عورتن ٻارن ۽ نوجوانن جي عيد خريداري عروج تي. سکر جي بازارن ۾ خريدارن جي رش وڌي وئي. عورتن به عيد تياريون هٿن تي مهندي لڳائڻ وارو عمل به جاري آهي ان ڏس ۾ مهندي لڳائيندڙ عورت جو چوڻ آهي ته هر ڇوڪري پسند ڪندي آهي ته نئين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر جي ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد نئون تعلقو ڳوٺ گل چوهاڻ ۾ نوجوان قتل

خروس برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي خوني تڪرار تان جهيڙو ٿيو پيو

فائرنگ سبب نوجوان ملوڪ خروس گولين لڳڻ ڪري ٿڏي تي مارجي ويو

سکر (رپورٽر) سکر جي ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد نئون تعلقو ڳوٺ گل چوهاڻ ۾ خروس برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي خوني تڪرار تان جهيڙو ٿيو پيو جنهن دوران فائرنگ سبب نوجوان ملوڪ خروس گولين لڳڻ ڪري ٿڏي تي مارجي ويو ۽ ٻيو سخت زخمي ٿي پيو. تفصيل موجب بچل شاهه لڳ ڳوٺ گل چوهاڻ واري علائقي ۾ خروس برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي دشمني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور شڪارپور جي عدالت ۾ پيش، اڳواڻن پاران ملاقات

عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. عدالت پاران ڪيس سکر سينٽرل جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو ويو

سخت سيڪيورٽي ۾ جوڊيشل مئجسٽريٽ/ فورٿ سول جج جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

علي امين گنڊاپور جي گرفتاري خلاف پي ٽي آءِ ڪارڪنن عدالت ٻاهران احتجاج ڪيو ويو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ايف آءِ درج ٿيڻ بعد پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور کي شڪارپور جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. عدالت پاران ڪيس سکر سينٽرل جيل موڪلڻ جو حڪم، خبر موجب رياست مخالف تقرير ۽ ٽوئيٽ ڪرڻ تي شڪارپور جي شهري امان الله پاران نيو فوجداري ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائڻ بعد پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور کي گرفتار ڪري سخت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شڪارپور: پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور عدالت مان نڪري رهيو آهي

سيوهڻ جي اي ايس پي پاران پان سيدآباد ۾ چوري ٿيل موٽر سائيڪلون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

سيوهڻ شريف (رپورٽر) اي ايس پي سيوهڻ جي پان سيدآباد ۾ چوري ۽ ڦريل موٽر سائيڪلون واپس ڪرڻ کان پوءِ پان ٿاڻي تي پريس ڪانفرنس. اي ايس پي سيوهڻ محمد بيدار بخت، ايس ايڇ او پان سيدآباد عبدالجبار ميمڻ ۽ مددگار پوليس انچارج منظور دل جي اڳواڻي ۾ پوليس جي ڪاروائي. مختلف ڏوهن ۾ ملوث 8 جوابدار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مڪلي شاهه لطيف ڪالوني ۾ چانڊيا ۽ لغاري برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 5 ڄڻا زخمي

چانڊيا برادري جا 5 کان وڌيڪ ماڻهون زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال مڪلي ۾ داخل ڪيو ويو

زخمين ۾ معشوق چانڊيو، ڪاشف، آفتاب، شڪيل، صدام، حيدر علي، الهجڙيو چانڊيو ۽ ٻيا شامل

جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري تحفظ ڏنو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو: متاثرين

ٺٽو (ب) مڪلي شاهه لطيف ڪالوني ۾ چانڊيا ۽ لغاري برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ چانڊيا برادري جا 5 کان وڌيڪ ماڻهون زخمي ٿي پيا آهن جن کي سول اسپتال مڪلي ۾ داخل ڪيو ويو آهي. زخمين ۾ معشوق چانڊيو ڪاشف، آفتاب، شڪيل، صدام، حيدر علي، الهجڙيو چانڊيو ۽ ٻيا شامل آهن. جيڪي علاج هيٺ آهن. پراجان ٺائين مڪلي پوليس حملي آور جوابدارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

اوباوڙو لڳ ڳوٺ قادر بخش رند ۾ پرائمري اسڪول سياست جي ور چڙهيل

مسلسل خبرون نشر ٿيڻ باوجود به ڪنهن اعلي عملدار نوٽيس ناهي ورتو: رهواسي

اسان جي ضلع گهوٽڪي ۾ سرڪاري اسڪول مڪمل طور سياسي ور چڙهيل آهن

نوٽيس وٺي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري شاگردن جي مايوسي ختم ڪئي وڃي

اوباوڙو (رپورٽ: غلام علي رند) اوباوڙو لڳ ڳوٺ قادر بخش رند گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول پير احمد شير سياسي ور چڙهيل 2 سئو کان مٿي شاگرد تعليم کان محروم ٿيل آهن اوباوڙو مسلسل خبرون نشر ٿيڻ باوجود به ڪنهن اعلي عملدار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

اوباوڙو: سياست جي ور چڙهيل ڳوٺ قادر بخش رند جو سرڪاري اسڪول جو ڏيک

هاءِ ڪورٽ پاران پوليس تشدد ۾ فوت ٿيل غلام ياسين جو ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

خيرپور (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر جي جسٽس عبدالمبين لاکو جي عدالت ٻيرلو پوليس جي تشدد ۾ فوت ٿيل غلام ياسين ٻهراڻي جي قتل ڪيس ۾ ٻيرلو ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او سعيد احمد پيو، اڳوڻي سي آءِ اي انچارج خيرپور گل محمد مهر هيڊ محرر سميت 6 پوليس اهلڪارن مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽي لڳ 103 موري پرسان پوليس ۽ ڳوٺاڻن وچ ۾ ٿيل جهيڙي جو هڪ زخمي فوت

سيد علمدار شاهه ڪراچي اسپتال ۾ زخمن جا تاب نه سهندي زندگي جي جنگ هارائي ويو

فوتگي جو اطلاع ملڻ تي صحافين سميت روينيو ڪاتي جا عملدار سنڌس تڏي تي پهچي ويا

ڊي سي ٺٽو پڻ زخمي اهلڪار سيد علمدار شاهه جي عيادت ڪئي هئي، واقعي بعد عيد جون خوشيون سوڳ ۾ تبديل ٿي ويون

ٺٽو (ب) زميني معاملي تان ٺٽي لڳ 103 موري پرسان پوليس ۽ ڳوٺاڻن وچ ۾ ٿيل جهيڙي جو زخمي صحافي تپيدار سيد علمدار شاهه ڪراچي اسپتال ۾ زخمن جا تاب نه سهندي زندگي جي جنگ هارائي ويو. جنهن جو لاش سجاول سنڌس گهر پهچڻ تي گهر ۾ سوڳ. طاري ٿي ويو اطلاع ملڻ تي صحافين سميت روينيو ڪاتي جا عملدار سنڌس تڏي تي پهچي ويا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڊي آءِ جي سکر جو ساراهه جوڳو قدم: اکين جي شديد تڪليف ۾ مبتلا نينگر جي سهائتا

نوٽيس بعد متاثر ٻارڙي جي وارثن سان رابطو سکر الشفاءِ اسپتال مان علاج شروع ڪرايو ويو

سکر يونين آف جرنلسٽ جي صدر امداد بوزدار جي معرفت معصوم ٻارڙي جي وارثن جي سهائتا

ٻچي ويل هڪ اک به علاج نه هجڻ سبب ڦاٽڻ جو خطرو هيو اسان انتهائي مشڪور آهيون: وارث

سکر (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي سکر جاويد سونهارو جسڪاڻي جو ساراهه جوڳو قدم اکين جي شديد تڪليف ۾ مبتلا 10 ورهين جي معصوم گلاب جي گلن جهڙي ٻارڙي مصباح ڪولاچي جي حوالي سان نوٽس متاثر ٻارڙي جي وارثن سان رابطو سکر الشفاءِ اسپتال مان علاج شروع ڪرائي ڇڏيو ڪولاچي برادري سميت سياسي سماجي اڳواڻن پاران ڊي آءِ جي سکر جاويد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر: ڊي آءِ جي سکر جاويد سونهارو جسڪاڻي ۽ معصوم ٻارڙو مصباح ڪولاچي

رياست خيرپور ۾ شهر ڪاروباري شهر طور مشهور ۽ خوشحال هيو: مهدي رضا ٽالپر

خيرپور (رپورٽر) رياست خيرپور جي دور ۾ خيرپور ڪاروباري شهر طور پوري دنيا ۾ مشهور ۽ خوشحال هيو ملڪ ۾ موجوده معاشي خساري جو انت ڪاروبار کي هٿ ڏئي ڪري سگهجي ٿو پرنس مير مهدي رضا ٽالپور تفصيل موجب خيرپور خاڪي شاهه پل پرسان زين بيڪرس جي افتتاحي تقريب ٿي گذري زين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ٽريڪ تي ٽرين سروس جي بحالي لاءِ سيتا سرڇهار فورم پاران احتجاج

سيتا سرڇهار فورم پاران 90 هين ڏينهن به دادو ۽ رحماني نگر ريلوي اسٽيشن تي الڳ الڳ احتجاج

مشهور ميمڻ، اويس علي ميمڻ، غلام مرتضي سومرو، محمد صادق سولنگي، حاڪم علي سولنگي مظاهرو ڪيو

نمائندا ٽرانسپورٽ مافيا جا مالڪ ۽ ساٿاري آهن جن ايوانن ۾ ٽرين سروس جي بحالي لاءِ هڪ لفظ به نه ڪڇيو آهي: اڳواڻ

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) سيتاروڊ ريلوي اسٽيشن تي احتجاج لاڙڪاڻي دادو ڪوٽڙي ٽريڪ تي گذريل 10 مهينن کان بند پيل مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ جدوجهد جدوجهد کي 90 ڏينهن مڪمل سيتا سرڇهار فورم پاران روهڙي شهزاد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 22 اپريل 2023 ع

مغوي عيد به ڌاڙيلن جي ٺاڪن ۾ گذاريندا؟

عوام ٽيڪس ڏئي ٿو جنهن مان انتظامي وهنوار هلي ٿو. ان ئي ٽيڪس جي پيسن تي 'بادشاهن' جي بادشاهي برقرار آهي، پر موٽ ۾ عوام جي تحفظ واري ذميواري به منتظمين جي ترجيح نه پري جي ڳالهه. انتظامي ايجنڊا جو حصو ئي نظر نٿي اچي. ماڻهو پيا مرن، ڀنگ خاطر اغوا پيا ٿين، اغوا انڊسٽري عروج تي آهي پر رياست ماڻهن کي تحفظ جي فراهميءَ واري ذميواري شايد وساري ڇڏي آهي. سنڌ جي اترين اڌ ڊزن ضلعن ۾ نه ته قانون پنهنجي وجود جي ثابتي ڏيئي سگهيو آهي، نه ئي سنڌ سرڪار جي عملداري نظر اچي ٿي. انتظاميا نه ماڻهن کي ڀنگ خاطر اغوا کان بچائڻ جي ذميواري پوري ٿي ڪري ۽ نه ئي وري اغوا ٿيل ماڻهن کي بازياب ڪرائڻ جي ضرورت ٿي محسوس ڪري. ان لاتعلقيءَ سان اهوئي پيغام ٿو ملي ته "پنهنجا پاڻ ۾ ڄاڻو!" جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته جيڪي ڪئين ڊزن ماڻهو هن وقت ڌاڙيلن جي چنبي ۾ آهن، ڀنگ خاطر اغوا ڪيا ويا آهن، انهن کي بازياب ڪرايو وڃي ها. رڳو ڪنڌڪوٽ_ ڪشمور ضلعي مان به هڪ عورت سميت 16 مغوي ڌاڙيلن جي گرفت ۾ آهن. نه ئي هنگورجا جي ڳوٺ موريل پتو مان هڪ مهينو اڳ اغوا ٿيل ڇئن ورهين جي معصوم مغوي جعفر پتو کي پوليس بازياب ڪرائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي. عيد باقي هڪ ڏينهن جي وٿيءَ تي آهي ۽ عيد واري ڏهاڙي به انهن جي گهرن ۾ ماتم هوندو. هونئن ته سڄي ملڪ ۾ امن امان جون حالتون گهٽيون بهتر ناهن پر سنڌ ابتريءَ ۾ به وڪون نه پري جي ڳالهه. ڪئين ڀرانگهون پري گهڻو اڳتي نڪري وئي آهي. اها ڳالهه اسان پنهنجي طرفان نٿا چئون، ان لاءِ ميڊيا جي شاهدي ئي ڪافي آهي. انتظامي 'احسن ڪارڪردگيءَ' جي حالت اها آهي ته اخبارون ڪرائيم ڊائريون بڻيل آهن. هن وقت اترين ضلعن ۾ ڌاڙيلن جو ڏاڪو آهي. پوليس انتظاميا چوي ٿي ته آپريشن پيا ڪريون، پر سوال آهي ته اهو آپريشن ڪٿي پيو ٿئي؟ ڏينهون ڏينهن مغوين جو تعداد وڌندو وڃي. جيڪو ضلعي پوليس ڪماني پوتارن ۾ هٿ وجهڻ جو بيان ڏئي ٿو ته اسٽيٽسڪو کي چئلينج ڪندڙ ان آفيسر کي بدلي ڪيو وڃي ٿو. حد ته اها آهي ته عيد ڏهاڙي تي به مغوي ڌاڙيلن جي چنبي ۾ هوندا. انهن جي اڱڻ تي اداسي هوندي. انهن گهرن ۾ ڪٿنبن جون ڪهڙيون عيدون؟ جيڪي ماڻهو اغوا ڪيا ويا آهن، انهن جي گهٽائي اهڙي آهي، جن جي مالي حالت ڀنگ ڀرڻ جهڙي ناهي، جن مان ڌاڙيلن کي ڀنگ ملڻ جي به اميد ناهي. ان مان اهو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو ته انهن اغوائن جو هڪ مقصد ڏهڪاءُ پکيڙڻ پڻ ٿي سگهي ٿو. حيرت ته سنڌ جي منتظمين تي آهي، جن عوام کي ڌاڙيلن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي. اهي پنهنجي منصبي ذميواري پوري ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. حڪمرانن وٽ رياستي طاقت به آهي، اختيار به آهن، ته پوءِ آخر ڪهڙي مصلحت يا مجبوري آهي، جو 'عفو ۽ درگذر' کان ڪم ورتو پيو وڃي؟!

ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ڌوهه هميشه سرپرستيءَ جي ڇٽيءَ هيٺان اسرن ۽ نسرن ٿا. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته ڌوهن جي سرپرستي ڪندڙ 'اشرافيه' ۾ هٿ وڌو وڃي. پوليس عملدار به ان 'اشرافيه' جي فرمائش تي مقرر ٿين ٿا ۽ اهي ئي سنڌ کي ڌوهن جي ڏيهه واري سڃاڻپ ڏيڻ ۾ وسان نه پيا گهٽائين. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته ارباب رحيم جي صاحبيءَ ۾ سندس هڪ مشير انهن چونڊيل نمائندن جي هڪ لسٽ جاري ڪئي هئي ۽ ٻڌايو هو ته اهي ڌوهن جي سرپرستي ڪن ٿا. ان لسٽ اهڙو ته ٻڙڌڪ مچايو، جو حڪومت ان لسٽ کان لاتعلقيءَ جو اظهار ڪيو. پوليس انتظاميا، جيڪا عوام کي تحفظ نٿي ڏئي ۽ ان جي ڪري جيڪي ماڻهو اغوا ٿين ٿا، انهن ئي بازياب به نٿي ڪرائي سگهي، ته اهڙي نااهل نفريءَ کي عوام جي ٽيڪس جي ناڻي تي ڇني ٻڌائي آخر ڇو پالجي؟ مغوين کي ڌاڙيلن جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ جي ذميواري پوري ڪئي وڃي. ڌاڙيلن خلاف پوليس، رينجرز ۽ فوج جي مدد سان ڀرپور آپريشن ڪيو وڃي، صرف ڳالهيون نه ڪيون وڃن.

صوفِي سالمر سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ:
بــازي بــازنــدنِ ڪــي، آهــي آويســارَ:
پِريا سين پـهـڪـارَ، رِنـدِيءَ رَسـاڻـي ڪـيا.

هاڻي پارليامينٽ جو 'پنهنجو پراجيڪٽ' به اڇڻ گهرجي

پروفيسر محمد صديق انڙ

عدليه ۽ اسٽيبلشمينٽ قانوني ۽ عسڪري طاقت جي آڌار تي شروع کان وٺي مختلف نمونن جا سياسي، قانوني، انتظامي توڙي سماجي نوعيت جا هٿ ٺوڪيا پراجيڪٽ، نظامِ حڪومت، نظام معاشرت، نظام سياست ۽ نظام سفارت پنهنجي هٿ وس رکندي آئي آهي، جنهن جي ڪلائميڪس يا عروج ناڪام 'عمراني پراجيڪٽ' تي اچي ٿيو ڪڏهن ڪڏهن وڏيون آزمائشون ۽ گهرا صدما انسانن کي پاڻ سنڀالڻ ۽ زندگيءَ جو آدرشي سبق سيکارڻ جو سبب بڻيا آهن هاڻي جڏهن مقتدر حلقا طرح طرح جا تجربا ڪري پنهنجيون غلطيون مڃڻ لڳا آهن يا مڃڻ لاءِ مجبور ٿي پيا آهن ۽ پڻ هڪبئي خلاف شاهد ٿي بيهي رهيا آهن ته ڇا هن ملڪ جا اصل وارث ۽ انهن جا چونڊيل نمائندا 1973 ع واري آئين جي ديباچي جي منڍ وارن لفظن تي عمل ڪندي هن دفعي "پارليامينٽ جي پنهنجي پراجيڪٽ" تي ڪم جي شروعات نٿا ڪري سگهن؟ آئين جا شروع وارا لفظ هي آهن:
"Sovereignty over entire universe belongs to Almighty Allah alone, and the authority to be exercised by the people of Pakistan within the limits prescribed by Him is a sacred trust".

شايد پنهنجين غلطين جي احساس سبب زورآور 1971 ع کان پوءِ قومي تاريخ ۾ ٻئي دفعي وري ملڪي حالتون ڪنهن سنوت ۾ اچڻ تي گهڻي مدافعت نه ٿا ڪن سابق سپه سالار سڄي قصي تان مبينه طرح قسطن ۾ پردو ڌهن کان هٽائڻ شروع ڪيو جڏهن کان ڪيس يقين ٿي ويو ته "نانگ جهوليءَ ۾ نپائي، 'اسان وڏي غلطي ڪئي'". سپريم ڪورٽ جي باوقار ۽ معزز جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ صاحب گذريل اربع ڏينهن آئين جي هڪ گولڊن جوبلي تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو ته. "1971 ع وارو سانحو عدالتي فيصلي سبب ٿيو. جسٽس منير ملڪ ٽوڙڻ جو زهريلو ٻج پوکيو. پاڻمرادي نوٽيس واري شق مظلومن جي تحفظ لاءِ رکي وئي، پاڻمرادو نوٽيس ڪنهن کي فائدي ڏيڻ لاءِ ناهي. غلط فيصلو ڪو هڪ ڪري يا اڪثريت، غلط ئي رهندو. ڪا به نا انصافي دير تائين هلي نه سگهندي. ظالم چوي ٿو ته منهنجي مرضي پر آئين چوي ٿو عوام جي مرضي. تاريخ پڪاري پئي ته ماضيءَ جي غلطين مان سبق سکون".

هن وقت ملڪ جي اعليٰ ترين عدالت سميت (جيڪا پل ته هر ڏينهن نوان نوان حڪم جاري ڪندي هجي) سڀني رياستي ۽ دفاعي ادارن جي ملڪ جي سياست ۽ نظامت تي گهڻي گرفت ناهي رهي. ان جو وڏو سبب 75 سالن تائين ملڪ جي عوام سان ڪيل زيادتي ۽ ڏاڍ جو ڏهڪاءُ هو جيڪو بکئي پيٽ، اگهاڙي جسم ۽ غير محفوظ مستقبل جي ماريل ماڻهن جي دلين مان بيزاريءَ جي ڪري نڪري ويو آهي، جو نه اهي سڀني کان وڌيڪ متاثر جو آهن. رياست هڪ وڏو سماج آهي، جيڪو هر فرد ۽ اداري جو هڪبئي سان ڪيل رضاڪارانه سماجي معاهدي جي نتيجي ۾ وجود ۾ به آيو ته قائم به رهندو آيو آهي. غير منظم سماج جي "ڏاڍي سو گابو" جي عذاب ئي نه ڪلهجي منظم معاشري جو بنياد وڌو جيڪي حاڪم بڻايا وڃن ٿا، اهي ٻين جي منشا سان ۽ پاڻ جهڙن ٻين طاقتور ادارن ۽ ڪارندن جي سهڪار سان سلهاڙجي سلامتيءَ وارو سماج قائم رکڻ لاءِ مقرر ڪيا ويندا آهن. ڪو به طاقتور شخص جيڪڏهن ڪو 'ٽن جو ٽولو' ناهي رياست ۽ سماج کي پنهنجي مرضيءَ تي هلائڻ گهري ته نيٺ هڪ ڏينهن ڪو نه ڪو ادارو 'نافرماني' ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو. هن وقت ملڪ ۾ اهوئي لقاءُ لڳل آهي. عوامي ۽ هيٺين سطح تي ڇڙواڳي روڪڻ لاءِ مقرر سرڪاري ادارا ۽ معتبر سمجهيل فرد جيڪڏهن اهڙي بدنظميءَ جو شڪار نظر اچن ته پوءِ ان ملڪ ۽ قوم جو خدا ئي حافظ آهي! رياستي ادارا هڪبئي سان وڙهي رياستي ڍانچو قائم نٿا رکي سگهن. هن وقت ملڪ جي اعليٰ ترين عدالت پنهنجي خالق اداري پارليامينٽ سان صفا آمهون سامهون اچي وئي آهي. پارليامينٽ، جيڪا سياستدانن تي مشتمل هوندي آهي، سان ڪجه پنهنجي عملن ۽ ڪجه ڏاڍن جي ڏاڍ سبب سدائين ڪمزور سمجهي وئي آهي، چو ته خاموشيءَ سان برداشت جو ڪندي آئي آهي! هاڻي لڳي ٿو ته وڌيڪ سهپ باقي بچي ناهي. خدا جي پناهه! ملڪ ۾ جيڪڏهن يقين جي حد تائين اهو تاثر ۽ چوٻول موجود هجي ته فلاڻي خان کي باقاعده منصوبه بندي هيٺ مقتدر ادارن نپائي تاتي اقتدار جهوليءَ ۾ وڌو انصاف جا گهر سِتون سِتي ڪنهن کي نا اهل، ڪنهن کي جيل ۾، ڪنهن کي مورڳو سوليءَ تي چاڙهڻ ۾ ملوث رهندا آيا هجن. وفاق جي علامت صدر مملڪت پارٽي ڪارڪن جو ڪردار نڀائي ادارن جي ماءُ پارليامينٽ جي منظور ڪيل قانونن تي پارٽي پاليسي مطابق صحي نه ڪري. اليڪشن ڪميشن جا اختيار ڦٻائي، ان کي پنهنجي آئيني ذميواري نڀائڻ جو موقعو ئي نه ڏجي، حڪومت کي حڪومت نه ڪرڻ ڏجي ۽ اسيمبلين کي قانون سازي نه ڪرڻ ڏجي. ڪنهن کي رليف ڏيڻو هجي ته شق 63 A_جي تشريح بدران شق 17 الائي ڪٿان ڳنڍي مورڳو آئين پاڻ ئي لکي وٺجي. ٻئي پاسي جيڪڏهن "ون مين شو" جو مظاهرو ڪرڻو هجي ته هاءِ ڪورٽن ۾ هلندڙ ڪيس اڌ مان جهٽي سُو موٽو جي والاريل اختيار جو استعمال ڪري چاتل سچاتل بينچ جوڙجي. جنهن کي چاهيو ان کي ڳالهائڻ ڏيو منهن نه وٺيوَ ته زبان بندي ڪري تکڙا فيصلا ڪجن. جيڪڏهن آئين ۾ آرٽيڪل 224 جي ڪلاز 2 چوندو ته 90 ڏينهن ۾ ڪرائڻ جو حڪم صادر ٿي ڪرائي ته ساڳي شق جي ڪلاز 1 A وري نگران حڪومتن جوڙڻ جو فرمان جاري ٿي ڪري. ان کان پوءِ شق 3/218 وري اليڪشن ڪميشن کي چوندو ته Honestly, justly and fairly ڪرائڻ جو پابند ٿي بڻائي. آئين صرف اهو ڪونهي، جنهن جو حوالو ڪو وڌو ڏئي، باقي شقون به ساڳئي دستاويز جو حصو آهن. عدالت سگهوريءَ جي فيصلي سبب اهوڻ ڏري چوندو وارو مقصد نه هن وقت حاصل ٿيندي نظر پيو اچي، نه ئي مستقبل ۾ ڪا اميد هوندي، چو ته پنجاب هر دفعي اقتداري ڏر جو فيصلو سڀني کان پهريائين ڪري چڪو هوندو.

سياسيات هجي يا آئين ۽ قانون هجي، اهي عمراني علم آهن، جن جا قاعدا ۽ قانون سائنس ۽ رياضيءَ وانگر يونيورسل يا ڪائناتي ناهن جتي 2 وادو 2 هميشه چار ٿيندا هجن. جنهن قاعدي وري ٻن کي ٻن سان ملائي تي صرف ڪو انصاف جو رکوالو ئي قرار ڏئي سگهي ٿو، باقي عام ٻني بشر جي سمجهه کان ڳالهه چڙهيل آهي. آئسوليشن ۾ واڙائپ ۾ ڪيل فيصلو پل نه ڪيڏي وڏي اداري يا شخص جو چو نه هجي، ان تي عمل نه ٿي سگهندو ته پوءِ ان صورت ۾ گهٽتائي ڪنهن جي ٿيندي؟ ٿوري دير سوچجي ته 90 ڏينهن ته اڳ ئي گذري چڪا ته ڇا اها خلاف ورزي ٿي نه چڪي آهي؟ ڪو به سالم دماغ قاري ٻڌائي ته عدالت پل ته 14 مئي واري فيصلي تي اڙجي بيهي رهي، پر ڇا عمل ٿيڻ ممڪن آهي؟ معزز چيف جسٽس فرمائين ٿا ته. "جيڪڏهن سياسي پارٽيون هڪ موقف تي اچن ته عدالت گنجائش ڪڍي سگهي ٿي". سوال اهو به آهي ته هڪ پاسي اصرار آهي ته 90 ڏينهن، 90 ڏينهن. جيڪي خير سان گذري به ويا. ٻئي پاسي گنجائش ڪڍڻ جي ڇوٽ؟ ڇا آئين ۾ ترميم به عدالت ڪندي؟ يا نظريهءِ ضرورت کي بهانو بڻائبو؟ هتي سڀ ڪجهه ممڪن آهي. خميس ڏينهن واري ٻڌڻيءَ دوران به ساڳيو 14 مئي جو ورجاءُ ۽ 2_3 ڪلاڪن ۾ جاني دشمن بڻيل جماعتن کان اميد رکڻ ته چونڊن لاءِ هڪ تاريخ تي اتفاق ڪري اچو ته ساڳيو ڏڪو ان جوئي نتيجو آهي ته پي ڊي ايم جي سربراهه مولانا فضل الرحمان بغير لحاظ جي ميڊيا تي چئي ڇڏيو ته. "اسان وٽ ته ان بينچ جي خلاف پارليامينٽ جون قراردادون موجود آهن. اڳ بندوق جي اڳيان ۽ هاڻي هٿوڙي سامهون جهڪايو پيو وڃي". ڳالهه پڌري پٽ پئي آهي. هي اسٽيٽ ڪرافٽ آهي، جنهن جي سائنس، نالي ۾ ته پوليٽيڪل سائنس آهي پر آهي سماجيات، جنهن ۾ حالتن مطابق. رياست ۽ مفاد عامه خاطر تبديليون هميشه ممڪن هونديون آهن، چو ته هي ممڪنات جي راند آهي. تنهن کان پوءِ سياستدان عدالتي ڪٺهڙي ۾ بيهي پاڻ ۾ ڳالهيون چو ڪن، جن گذريل دفعي مڃيون ڪيون ته به ڪين عدالت سگهوري ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو؟ ڪٿي ائين ته ناهي ته تکڙ ڪندي ڪندي سڀ بند گهٽيءَ ۾ اچي ڦاٿا آهن ۽ وري ٻاهر نڪرڻ لاءِ سياسي ڪلهو استعمال ڪيو پيو وڃي؟ پلاهائي ڇا ڪجي؟

سياسي قبيلي کي گهرجي ته ڏکڻ آفريڪا جي نيلسن منڊيلا واري مظلوم قوم جي 300 سالن واري نسل پرستي يا Apartheid واري اذيت کي ذهن ۾ رکي سوچين. سياسي مصالحت ۽ متفقه جمهوري آئين ٺاهڻ خاطر 1990 ع ۾ نيلسن منڊيلا جڏهن گوري حاڪم ايف ڊبليو ڊي ڪلارڪ سان طئي ٿيل پاليسي مطابق آزاد ٿئي ٿو ته انقلابي جماعتن تان پابنديون به هٽن ٿيون ته هڪ ٽرٿ اينڊ ريڪنسيليئشن ڪميشن يا سچائي ۽ مصالحتي ڪميشن جڙي ٿي، جنهن ۾ ظالم ۽ مظلوم ٻنهي کي پنهنجا پنهنجا سچا داستان سڻائي ڪنهن به سزا جزا ملڻ کان سواءِ مڪتي ماڻڻي هئي. 1998 ع کان 2003 ع تائين ان ڪميشن جي پنجن جلدن تي ٻڌل رپورٽ آئي ۽ ظلم ۽ بربريت جو دور پڄاڻيءَ کي پهتو. اسان وٽ نيلسن منڊيلا ته آهن ڪو نه پر ديسي چمڙيءَ وارا گورا وڏي تعداد ۾ موجود آهن. مظلومن کي منٿ آهي ته وري به توهان قرباني ڏيو ۽ چپ رهو پر ظالمن کي هڪ دفعو وڏي واڪي مڃڻو پوندو ته ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪٿي اسان ڪهڙو ڪهڙو ظلم ڪيو ۽ پوءِ ڪين سنتن ڪُرڻ ڪاڻ واري پليءَ وانگر پل ته مقدس ياترا تي موڪلي ڏجي. سياستدان پنهنجي پڳڙي ڪڏهن اسٽيبلشمينٽ ته ڪڏهن عدليه جي هٿ ۾ ڏئي ان کي سدائين ڏوڙ ڪرائيندا رهيا آهن. هن دفعي ڪنهن رياست جي پگهاردار سامهون پيش پوڻ بدران هڪبئي سامهون پيش پئي سچ ڳالهائين. ڪير ڪنڌ تي 73 ع واري آئين تي به چاهين ته نظرثاني ڪن. ميثاقِ جمهوريت، ميثاقِ معيشت، ميثاقِ معاشرت، ميثاقِ بردباري ۽ ميثاقِ انسانيت تي صحيون ڪن. ڪنهن ٻئي کي ٺياڪڙي ڏيڻ بدران سينيٽ آف پاڪستان جو ايوان ماڳ ناهجي. لکت اِيتري ته ڇٽي هجي، جو ڪو جسٽس منير، ڪو جسٽس مشتاق، ڪو جسٽس انوار، ڪو جسٽس چوڌري، يا پيو ڪو جسٽس آئين جي آڙ ۾ ڪنهن ڀٽي کي ڦاسي، ڪنهن گيلاني تي توهين عدالت جي تهمت، ڪنهن نواز کي نيڪالي جي سزا به نه ڏئي سگهي. عدالت کي اميرل ڪورٽ جي الزامن هيٺ به نه اچڻ ڏئي ۽ انصاف اهڙو ٿئي جو سڀني کي نظر به اچي. ريجهڙائي ۾ اها لچڪ لوهي سريو پيل ڪنڌن کي به مصالحتي مولوي صاحب سامهون جهڪندي ڏسڻ کان پوءِ هر هنڌ راهه نڪرندي ممڪن نظر پئي اچي. پارليامينٽ سپريم آهي ۽ ان کي هاڻي اهو ثابت ڪرڻو آهي. باقي سڀني ڪردارن مان ڪي پنجن سالن لاءِ، ڪي ٽن سالن لاءِ ايندا آهن ۽ پوءِ هليا ويندا آهن. هلڻي ويندڙن کي موٽائڻ جو سلسلو به بند ڪيو ته ڊان ليڪس ۽ پاناما/ اقامه جهڙا اسڪينڊل اچڻ به بند ٿي ويندا.

هڪ جهڙسي ڪالم — ٻهاڙن وچان سفر ۽ ريلوي جي "جهنم لائين"

حبيب ساجد

دوستو پوئين قسط ۾ اسان جي ٽرين سبيءَ کان نڪتي هئي ۽ ڪوئيٽا جي ٽريڪ تي روان دوان هئي. ٽرين جي اندر به، ٻاهر جيان ئي هڪ ڪمال جي دنيا اسان سان هم سفر هئي، بس مشاهدي واري نگاهه کپي. سامهون ٻن سنگل سيٽن تي هڪ نئون پرڻيل جوڙو سفر ڪري رهيو هو. هُوءَ ڪنوار جيڪا لباس ۾ بلوچ لڳي رهي هئي، هن جي ڪارسري چهري تي مساڳ جي گهاٽي سرخي ۽ وارن ۾ ڪِنڙي بوٽيءَ جي تيز مهڪ جڻ حواسن تي اثر ڏيکاري رهي هئي. هُوءَ بار بار پنهنجي وَرَ ڏي محبوب نظرن وچان نهاري رهي هئي. جڻ نظرن ئي نظرن ۾ گهور گهور وڃي رهي هئي. اسان پروچن ۾ شاديءَ جو معاملو رڳو وڏا ڏسندا آهن. مزاج يا ذهن ملڻ وارو فسانو رڳو ڪتابن ۾ ئي پڙهندا آهيون. شاديءَ رات خبر پوندي آهي ته ڪير ڪنهن جو ورُ ۽ ڪيرِ ڪنهن جي ڪنوار بڻي آهي. افسوس جو اسان جي پروچڪي سماج ۾ "پيار" هڪ گار جيان خوفناڪ لفظ آهي. ان لفظ جي ادائيگيءَ سان ئي سردارن کي پنهنجا پتڪا ڏڏڙ ۾ ڏوڙ ٿيندي نظر ايندا آهن. ان ڪري بدقسمتيءَ سان اسان نوجوانن کي نڊيڻ ۾ ئي سمجهايو ويندو آهي، ته پيار ڪيئي جڻ "ڪارو" ٿي وڃين. مان ڏاڍي ڏک وچان سوچيندو آهيان ته اسان پروچن سنڌ جي سرحدي پٽيءَ تي پنهنجا هٿ ٺوڪيا سرداري قانون ٺاهي رکيا آهن. جن جي اثر هيٺ نه ڄاڻ ڪيترين ابوجه جوانيون ڪارنهن جي الزام ۾ قبرن پيڙيون ڪيون ويون. اسان جي سنڌ جي عظيم پراچين ثقافت ۾ اهائي عورت ديوي آهي، جا انسان کي جنم ڏئي ٿي ۽ جي ڌرتي آهي ته پنهنجي ٻچڙن لاءِ آنُ اپائي ٿي. ايڏي وڏي درجي واري زائفان ذات اسان پروچن وٽ اچي هٿ ٺوڪين رسمن هيٺ بدناميون ڏئي يا ته ماري وڃي ٿي يا ڪاريءَ جو ليو هٿي به ئي ضلعا پري وڪرو ڪئي وڃي ٿي. ورهاڱي پڄاڻان سرداري سسٽم جو انت انڊيا ۾ ته ڪاميابيءَ سان ٿي ويو هو پر هتي اسان جي پاسي انهن سردارن، پيرن، وڏيرن کي چاٽي ٻُجهي هٿ ئي نه لاتو ويو. نتيجي طور اسان وٽ عوام ڪمزور ۽ سردار، پير، وڏيرا زورآور ٿيندا ويا. هاڻ ته جيڪڏهن ڪو مڊل ڪلاس دو نمبريءَ سان پئسو ڪمائي اشرافيه ڪلاس ۾ داخل ٿي وڃي ٿو ته ٿوري ئي عرصي ۾ رنگ مٽائي انهن جهڙو ئي بڻجي سنڌ ڌرتيءَ جي ماڻهن لاءِ ايذاءُ جو سبب بڻجي وڃي ٿو ۽ پنهنجي ترجي ماڻهن تي قهر جيان ٽُٽي پوي ٿو.

ٽرين لڳ ڀڳ 12 هين وڳي آبِ گم اسٽيشن تي اچي بيٺي. هڪ ننڍڙي ۽ سهڻي اسٽيشن، جنهن جي چئني پاسن کان پر گهڻي مفاصلي تان ٻهاڙ ڪَرَ ڪنيو بيٺل نظر اچي رهيا هئا. هتي مقامي ماڻهن واتان ٻڌم ته ڪڇي ضلعي جي هن علائقي جو نالو 'آبِ گم' ان ڪري پيو جو هتي جيڪو به ڪاريز يا جهرڻو بهجي ٿو ته هتان جي نرم واريءَ جهڙي مٽيءَ مٿان بيهي ئي ڪونه ٿو ۽ ڌرتي ان کي چُهي وڃي ٿي. 'آب' فارسيءَ ۾ پاڻيءَ کي چوندا آهن ۽ گم معنيٰ غائب، يعني هتي پاڻي فورن غائب ٿي وڃي ٿو. ٿي منٽ بيهي ٽرين وري اڳتي وڌي ٿي. ٽرين جي ٽريڪ کي ٻهاڙن جي حساب سان زيگ زيگ طريقي سان ٺاهيو ويو هو جيڪڏهن سڌ ۾ هلجي ها ته گهٽ ٽائيم لڳي ها پر ٻهاڙن جي ور وڪڙ پيچرن جي ڪري ٽرين جي پٽڙي گهڻي طويل محسوس ٿيڻ لڳي هئي. 'آبِ گم' کان اڳ ۾ سبي اسٽيشن بعد 'مشڪاف' اسٽيشن وٽان جيئن لنگهياسين ته ٽرين ۾ اوچتو انڌيرو ڇانئجي ويو. مان گهبرائي ٻاهر نهاريو ته اسان هڪ طويل ٽنل يعني سُرنگ يا ڄِر وچان لنگهي رهيا هئاسين. چوڪرن ۾ هُوڪرا پئجي ويا. ان بعد اسان ڳڻيندا وياسين ته ڪول پور اسٽيشن تائين اسان تقريبن 15 اهڙين ڄُرن وچان لنگهياسين. اهو ڪمال تجربو اسان جي ننڍڙن ذهنن ۾ ياعمر لاءِ محفوظ ٿيڻ وڃي رهيو هو انگريز واقعي 'جِنَ' جهڙي قوم آهي. جتي به هٿ وڌائون، ان کي تڪميل تائين پهچائي پوءِ واپسيءَ جي ڪيائون. ڪول پور اسٽيشن تي اسان تقريبن ٻين وڳي پهتاسين ۽ اتي ئي اسٽيشن جي آس پاس ڪوئلي جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڄُرون نهيل هيون. جتان ٽريڪ ٺاهي ننڍڙن مال گاڏن ذريعي ڪوئلو ٻاهر آندو پئي ويو. اهو منظر اسان جي معصوم ۽ حيران نگاهن ڪافي دير تائين دلچسپيءَ سان ڏٺو هن اسٽيشن تي ٽرين کي پوئان کان به هڪ انجن اچي لڳي. پڇڻ تي خبر پئي ته هتان کان ڪوئيٽا تائين ٽرين اپ _ گريڊ ۾ هلندي، يعني چاڙهي چڙهندي ۽ اها چاڙهي هڪ طويل چاڙهيءَ طور ليکي ويندي آهي. ٽرين هلڻ جي ڏهن منٽن بعد اسان محسوس ڪيو ته اسان آهستي آهستي جڻ مٿي چڙهي رهيا آهيون. ٽرين ۾ ويٺل مقامي مسافرن اسان جي ٽيچر صاحب کي ٻڌايو پئي ته هن پٽڙيءَ تي ورور يعني ٽن چئن ميلن جي مفاصلي تي هڪ لُوپ لائين ٺاهي وئي آهي. اهو ان لاءِ ته جيڪڏهن ڪنهن ٽرين جا بريڪ فيل ٿي وڃن ته پوءِ اسٽيشن وارا ان ٽرين کي انهيءَ لائين ڏي موڙي ڇڏيندا آهن. مقامي ماڻهو انهن لُوپ لائينن کي "دوزخ لائين" جي نالي سان ياد ڪندا آهن. مقامي مسافر ماڻهن ٻڌايو ته اتان گذري اهي ٽرينون پنهنجي مسافرن سميت هوائن ۾ اڏامنديون آسمان تائين وڃي پهچنديون آهن ۽ الوپ ٿي وينديون آهن. اهي ڳالهيون ٻڌي اسان چوڪرن جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو هو سڀ ڪوورد_ ورود ۾ لڳي ويو هو. خاص طور تي هيبت الله ميمڻ ته زور زور سان آيت الڪرسي پڙهي رهيو هو. هونءَ جڏهن مان ريلوي ۾ ڀرتي ٿي آيس ته مون پتو ڪيو هو ته اها "جهنم لائين" آخر آهي ڇا؟ ته مون کي منهنجي ڪوئيٽا جي دوستن ٻڌايو هو ته اها لائين واقعي ڏاڍي خطرناڪ آهي، چو ته ان لائين تان ٽرينون اوور شوٽ به ٿي وينديون آهن پر اهي لوپ لائينون حفاظتي حساب سان انگريزن ٺاهيون هيون ته خدا نخواسته اگر ڪا ٽرين اتان اوور شوٽ ٿي به وڃي ته انهن لوپ لائينن جي ڪري اها ڪنٽرول ٿي ويندي آهي، چو ته انهن لائينن جي انت ۾ پٽڙيءَ کي واريءَ جي وڏن دڙن سان پوري ڇڏيو آهي، جتي پهچي ٽرين جا ڦيٿا واريءَ جي دڙي ۾ ڦاسي بيهي رهندا آهن ۽ ٽرين جي مسافرن کي حفاظت سان ريسڪيو ڪيو ويندو آهي. لڳ ڀڳ ڇهين وڳي اسان جي ٽرين ڪوئيٽا اسٽيشن تي پهتي ۽ بوگيءَ کان ٻاهر نڪتاسين ته اسان کي شديد سردي ورائي وئي. اسان کي پنهنجي استادن ڪنهن سرڪاري اسڪول جي هاسٽل تي پهچايو هو جتي اسان کي ڪپڙا بدلائڻ مهل سوئيٽر ۽ اوني جوراب پهرڻ جي تاڪيد ڪئي وئي هئي. جون ۾ سوئيٽر پهرڻ جو تجربو اسان ڪوئيٽا ۾ ڪيو هو چو ته اتي جون مهيني ۾ به ايتري سردي هئي، جو اسان ڪنبي رهيا هئاسين. احمد مغل ۽ ڪجه دوستن تڙ ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو پر اسان اهو ڏسي حيران ٿي وياسين ته لوهي پائپن ۾ پاڻي ڄمي ويو هو. اسڪول جي چوڪيدار اسان جي تڪليف کي محسوس ڪيو ۽ اسان کي سمجهايو ته جيڪڏهن ڪنهن کي تڙ ڪرڻو آهي ته اڳ ۾ پاڻيءَ جي لوهي پائپ هيٺان باهه ٻاريو. پوءِ واقعي ايئن ئي ٿيو. احمد ۽ زين پاڻي رڃائي بالٽي ڀري ۽ ان سان تڙ ڪيو ۽ باٿ روم مان سيءَ ۾ ڏڪندا ٻاهر آيا ۽ چوڻ لڳا بابا توبهن اسان جي، هاڻي هتي تڙ ڪو نه ڪنداسين. پنهنجي شهر پريالي پهچي پنهنجي گهر ۾ گرم پاڻيءَ سان تڙ ڪنداسين.

بقايا 01

اسد قيصر حڪومتي نمائندن جي رابطي بابت اڳيرائي کان پارٽي سيڪريٽري اسد عمر کي آگاهه ڪري ڇڏيو ان حوالي سان اسد عمر چيو ته رابطو سٺي ڳالهه آهي. حڪومتي نمائندا سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي دوران ان اڳيرائي کان ...

ٻر ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ بقا لاءِ اجتماعي دعائون گهريون وينديون

بقايا 06

به سعودي هم منصب سان فون تي رابطو ڪيو ٻنهي اڳواڻن سوڊان ۾ جنگبندي گروپن کي جنگبندي ۽ انسانيت جي امداد جي ...

هن جيو ته هڪ ته عدالتن جا چڪر ڪاٽي رهيا هئا، بيو ته پي ڊي ايم اليڪشن کان ڀڄي رهي هئي اڳوڻي وزيراعظم چيو ته هن پي ڊي ايم کي جيو ته اسان سان ميچ ڪيڏيو، اهي وڪيٽون ٽوڙي ڊوڙي رهيا هئا. سپريم ڪورٽ کي سلام پيش ڪريون ٿا جنهن پي ڊي ايم کي هلڻ نه ڏنو

درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي فل بينچ حڪم ڏنو ته جي آءِ ٽي کي جاچ کان نه روڪي رهيا آهيون. جي آءِ ٽي جاچ جاري رکندي پر ان جي جاچ عدالتي حڪم سان مشروط ٿيندي. ان کان اڳ فل بينچ وڪيلن جا دليل مڪمل ٿيڻ بعد فيصلو محفوظ ڪيو هو پي ٽي آءِ جي وڪيل نشاندهي ڪئي ته نگران حڪومت وٽ جي آءِ ٽي جوڙڻ جو اختيار ناهي. ڪيس ...

سز خلاف جيڪو ريفرنس موڪليو هو اهو 12 سالن کان نه ٻڌو وڃي. ازخود نوٽيس واري ڪيس ۾ اڳ ۾ اپيل جو حق نه هو هاڻي اپيل ڪري سگهبي. اپيل ۾ وڪيل مرضي جو ڪرڻ جي اجازت هوندي. اڳ ۾ نظر ثاني وقت ساڳئي وڪيل جو شرط هو هن قانون موجب ماضي ۾ جن کي به ازخود ڪاروائي ڪيس ۾ سزا ملي آهي انهن کي 30 ڏينهن ۾ اپيل داخل ...

بقايا | سنڌيار | 01

خان سجاول مين روڊ تي سول سوسائٽي سياسي سماجي اڳوائن استاد اڳوائن معزز شهرين صحافين سميت اڪين ڪان نابين توڙي جنگهن ڪان معزور مستحق ماڻهن جو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاجي مظاهري جي اڳوائي ڪندڙن نابين رياض بروهي معزور محمد ملاح سماجي اڳواڻ حاجي شاهنواز رند شعيب بکيرو پريس ڪلب بلڙي شاه ڪريم جي صحافين الهيار رند عبدالعظيم جت علي حسن رند استاد اڳواڻ ديدار علي مگسي منظور چانڊيو ۽ ٻين هٿن ۾ بلي ڪارڊ ڪئي سماجي اڳواڻ پيو بلوچ تان ڪوڙو ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي احتجاجي مظاهرو ڪندڙن چيو ته حسين علي عرف پيو بلوچ هڪ مسيحا ڪردار آهي جيڪو غريبن مسڪين ماڻهن جي مدد ڪندو آهي ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ جهاد ڪندو رهيندو آهي هتن چيو پيو بلوچ پاڻ مان نامعلوم لاش ڪڍي انهن جي مالڪي ڪري انهن کي ڪفن ڏيندو آهي انهن جون جنازي نمازون پڙهائي لاوارثن جي قبرستان ۾ دفن ڪندو آهي هو هڪ انسان دوست آهي جنهن تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ان کي پريشان ڪرڻ هڪ مذمت جوڳو عمل آهي ان جو ڏوهه اهو آهي جو هو منشيات جي خاتمي لاءِ جهاد ڪندو آهي ۽ غريبن بي سهارن جي مدد ڪندو آهي روڊ حادثن ۾ زخمي ٿيندڙن کي ريسڪيو ڪندو آهي بدبودار لاشا ڪٽي اسپتالن ۾ پهچائيندو آهي جنهن وارث هوندي مالڪي ناهن ڪندا پيو بلوچ انهن جي مالڪي ڪندو آهي اهڙي مسيحا انسان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري هر هڪ مظلوم انسان جي دل آزاري ڪئي وئي آهي احتجاج ڪندڙن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هائي ڪورٽ سميت سنڌ حڪومت ڪان مطالبو ڪيو آهي ته حسين علي عرف پيو بلوچ تي ٺيل جڙتو ڪيس فوري ختم ڪيو وڃي ني صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 02

توڙي ڳوٺ جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي نماز بعد مڙ کي ابائي قبرستان ۾ سپرد آيل اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن شهرين توڙي سياسي سماجي ماڻهن معصوم ٻار جو اتفاقي واقعي جو پڌي معصوم جي وارثن تعلقہ پريس ڪلب ڏوڪري صدر معشوق ڏيرو گفتار علي جوڻيجو ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي ان موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي ...

Sindh Mass Transit Authority
TRANSPORT & MASS TRANSIT DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH

نان ڪنسلٽنگ خدمتن جي فراهمي

ڪراچي موبيلٽي پراجيڪٽ (KMP) تحت پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم (PMT) لاءِ ڪرائي جي بنياد تي گاڏين جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ فريم ورڪ ڪانٽريڪٽ لاءِ ڪوٽا لاءِ درخواست

سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي (SMTA)

هي RFQ ڪراچي موبيلٽي پروجيڪٽ (KMP) تحت پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم (PMT) لاءِ ڪرائي تي ڏيڻ جي بنياد تي SPPRA قاعدي 2010 تحت گاڏين جي خدمتن جي خريداري لاءِ آهي. اسلامي جمهوريہ پاڪستان کي ڪراچي موبيلٽي پروجيڪٽ _ Yellow BRT [دي پروجيڪٽ] جي لاڳت لاءِ ورلڊ بئنڪ (بئنڪ) کان مالي امداد ملي آهي. سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي (SMTA)، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت هيٺ ڏنل تفصيلن جي مطابق گاڏين جي خدمتن جي خريداري لاءِ معاهدن جي تحت ادائيگين لاءِ آمدني جو حصو لاڳو ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو:-

لوڪيشن	وهيڪل ميڪ اينڊ ماڊل	تعداد	جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۽ وقت
ڪراچي	1300 سي سي يا مٿي سي وي ٽي اينڊ آٽوميٽڪ ٽرانسميشن (ماڊل 2021 يا مٿي)	1	10 مئي 2023 تي 12:00 وڳي
	1600 سي سي، سي وي ٽي اينڊ آٽوميٽڪ ٽرانسميشن (ماڊل 221 يا مٿي)	1	

معاهدي جي فارم سان گڏ RFQ 26 اپريل 2023 کان 9 مئي 2023 تائين ڪم ڪندڙ ڏينهن (09:00 وڳي کان 05:00 وڳي شام) هيٺ ڏنل پتي تي دستياب هوندا. ان کان علاوه، اهي SMTA جي سرڪاري ويب سائيٽ https://smta.sindh.gov.pk/ تي پڻ موجود آهن.

ڊپارٽمينٽ وٽ حق محفوظ آهي ته ڪنهن به يا سڀني درخواستن کي رد ڪري، يا ڪنهن به مرحلي تي ڪنهن به سبب جي تفويض ڪرڻ جي پوري پرتي واري عمل کي رد ڪري.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
ڪراچي موبيلٽي پروجيڪٽ
ڊي_43، شاهراهِ غالب، لين 3، بلاڪ 2، ڪلفٽن، ڪراچي
فون: 021_99332207ء
021_99332240

INF/KRY#1561/23

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ